سوشل ڊيولپمينٽ سيل

# سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)

## آبپاشي ۽ ڊرينيج نظام جي منتقلي جي معاهدي جو متن

☆ آبپاشي ۽ ڊرينيج نظام جي منتقلي جو معاهدو بتاريخ ________ تي ________ ڪئنال ايريا واٽر بورڊ/ سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) جنهن ۾ ان جو جانشين/ قائم مقام بہ شامل آهي ۽ ايڊمنسٽريٽر جيڪو جي واسطي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ آبادگار تنظيم جنهن ۾ ان جو موجوده جانشين شامل آهي ۽ ايڊمنسٽريٽر________ شاخ/ چئنل جيڪو ________ جي واسطي ڪم ڪري رهيو آهي جي وچ ۾ ٿيو. جڏهن تہ سنڌ واٽر مئنيجمنٽ آرڊينيس 2002 تحت ريگيوليشن ناهيا ويا آهن تن ۾ شاخن/ لفٽ چئنل جي سطح تي آبپاشي ۽ ڊرينيج نظام آبادگار تنظيمن جي حوالي ڪرڻو آهي.

☆ مذڪوره رولس ۽ ريگيوليشن آبادگار تنظيمن ڪي انتظام جي منتقلي هڪ منصوبي هيٺ ڏين ٿا جيڪا ان اهل بنائي ٿي تہ اهي هڪ خاص مدي ۾ جيترو جلدي ممڪن آهي ۽ جيڪو ستن سالن کان وڌيڪ نہ هجي ۾ مالي طرح خود مختياري ٿين.

☆ جڏهن تہ ________ شاخ/ لفٽ چئنل جيڪا ________ ڪئنال يا ________ سب ڪئنال، مان نڪري ٿو. سيڊا جي رجسٽرار وٽ رجسٽر ڪرائي وئي آهي ۽ مٿين رولس تحت ان جي انتظامي ڪاميٽي چونڊي وئي آهي.

جڏهن تہ مٿي ڇيل آباگار تنظيم جي انتظامي ڪاميٽي ۽ ايريا واٽر بورڊ معاهدو ڪري رهيا اهن جنهن تحت ان شاخ/ لفٽ چئنل ۽ ڊرينيج سسٽم جو انتظام، انتظامي ڪميٽي معرفت آبادگار تنظيم کي منتقل ڪيو ويندو. تنهن ڪري ڏريون هيٺين ڳالهين تي راضي ٿيون آهن.

1. هن معاهدي ڪي آبپاشي ۽ ڊرينيج جي منتقلي جو معاهدو سڏيو ويندو. سمورن مقصدن لاءِ آبادگار تنظيم کي FO، ايريا واٽر بورڊ کي AWB۽ سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي کي SIDAطور سڄاتو ويندو.

2. هي معاهدو 20 سالن تائين ڪارگر هوندو ۽ هر سال هن جو جائزو ورتو ويندو ۽ هي شاخ/ لفٽ چئنل ۽ ڊرينيج نظام جي انتظام جي منتقلي سان ئي عمل ۾ ايندو. اهو پڻ ڏنل آهي تہ معاهدو ڌرين جي رضا مندي سان مقرر ڪيل مدي کان پهرين ختم ڪري سگهيو يا وري ڏنل مدي يعني 20 سالن کان اڳي وڌائي سگهيو.

3. معادهو جي عمل ۾ اچڻ واري تاريخ تي شاخ/ لفٽ چئنل ۽ ڊرينيج نظام سان لاڳاپيل سمورا ٿاٿا ۽ انوينٽري (ضميمو-1) جيڪا ٻنهي ڌرين طرفان ناهي وئي آهي ۾ ڏنل AWB/SIDA جي جيڪا بہ ملڪيت آهي سان FO کي منتقل ڪئي ويندي ان صورت ۾ جڏهن ڪا بہ ملڪيت FO کي ڏني پئي وڃي ۽ ڪنهن ٻي پارٽي جي قبضي ۾ آهي ان ڪي خالي ڪرائڻ لاءِ گڏيل ڪوششون ڪيون وينديون.

4. معاهدي جي عمل ۾ اچڻ واري تاريخ تي AWB/SIDA شاخ/لفٽ چئنل ۽ ڊرينيج نظام سان لاڳاپيل سمورو رڪارڊ FO کي مهيا ڪندا.

5. آبادگار تنظيم مٿي ڏسيل رولس ۽ ريگيوليشن، قائدن قانونن ۽ AWB/SIDA کان وقت بہ وقت مليل هدايتن تحت ڪم ڪندي.

6. الف: مٿي ڏنل پئرا تحت FO ان سموري ملڪيت جي بهتر سا سنڀال ڪندي ۽ ان ڪي پنهنجي ملڪيت سمجهي استعمال ڪندي،
ب: FO ان ملڪيت ڪي وڪڻي يا منتقل نہ ڪري سگهندي جڏهن تہ هو ان ڪي مقاطعي تي ڏئي سگهي ٿي.

7. FO پنهنجو ڪم ڪار هلائڻ لاءِ گهربل عملو/ اسٽاف رکندي ۽ ان جو پگهار ۽ ٻيو خرچ برداشت ڪندي.

8. الف: FO آبياني، ڊرينيج سيس ۽ پاڻي جي غير زرعي استعمال تي لاڳو ٽيڪس جي ڪٽ ڪري وصولي ڪندي ۽ ان سان گڏوڏگ زمين ۽ جڳيهن جو مقاطو حاصل ڪندي.
ب: FO آبياني، ڊرينيج سيس ۽ غير زيعي پاڻي استعمال ڪندڙن کان ڪٽ ڪيل رقم جو 60% خريف جو جنوري/ فيبروري ۽ ربيع جو جولائي/ آگسٽ ۾ AWB/SIDA کي ادا ڪندي.
ٿ: هر سال جي شروع ٿيڻ کان بهرين آبياني، ڊرينيج سيس ۽ غير زيعي پاڻي جي استعمال جا اگهہ AWB/SIDA ۽ FO طرفان حڪومت کي امڻيا ويندا.

9. AWB/SIDA شاخ جي منڍ تي گهٽ ۾ گهٽ جيترو پاڻي يقيني طور فراهم ڪدنو. وڌيڪ پاڻي جي صورت ۾ اهو FO کي تناسب جي بنياد تي فراهم ڪندو.

10. FO ملي پاڻي جي ورڇ سمورن حصيدارن ۾ منصفانہ طريقي سان ڪندي.

11. مکيہ ڪئنال جي مرمت ۽ سا سنڀال ۾ شاخ/ مائنر لفٽ چئنل ۾ پاڻي جي فراهمي سالياني بندي واري عرصي لاءِ يا جيئين

AWB/SIDA فيصلو ڪن منقطع ڪئي ويندي. ان سلسي ۾ AWB/SIDA پاران FO ڪي بندي جي يقيني تاريخن کان ٻه هفتا پهرين آگاهه ڪندا.

12. ڪنهن اڻ ٿر صورتحال سبب جنهن ۾ بئراج ۾ ڪوٽ، ڪئنال ۾ گهارو پوڻ، لازمي مدي واري مرمت، ڪئنال ۾ تبديلي يا واڌ ڪرڻ واري صورتحال شامل آهي. AWB/SIDA پاڻي جي يقيني فراهمي لاءِ ٻڌل نه هوندي. ان باوجود جيترو ممڪن هوندو پاڻي مهيا ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو. جيڪڏهن ڪنهن قابو ۾ نه ايندڙ صورتحال دوران FO ڪي پاڻي جي فراهمي گهٽ ڪئي وئي ته AWB/SIDAان جو معاوضو ڀري ڏيندا جيڪو گڏيل نموني طئي ڪيو ويندو.

13. ڪنهن اڻٽر صورتحال ۾ جڏهن ڪئنال ۾ پاڻي تمام گهٽ هجي AWB/SIDA لاءِ پاڻي وارابندي کان سواءِ ڪو ٻه چارو نه هجي ته ان صورت ۾ AWB/SIDA پاڻي استعمال ڪندڙن جو جائز گهرجون پوريون ڪرڻ لاءِ هيٺيان اپاءَ ڪندو.

الف: وارابندي جو شيڊول ناهڻ کان پهرين FO جي رضامندي وٺندو.

ب: وارابندي جو شيڊول اهڙي طريقي سان جوڙيو ويندو جيئن وارابندي مختلف شاخن جي وچ ۾ مناسب نموني ٿئي.

ت: وارابندي لاءِ FO ڪي تفصيلي ٽائيم ٽيبل فراهم ڪندو جنهن ۾ پاڻي وهڪري ۾ تبديلي جي صورت ۾ واضح ٿيل هوندو

14. AWB/SIDA شاخ جي منڍ واري دورازي جي اوپاري ۽ لهواري واسي پاڻي جي وهڪري ماپڻ لاءِ گيج هٽندو ۽ انتظام منتقل ٿيڻ کان اڳ انهن کي ماپڻ جوڳو بنائيندو. ٻئي ڌريون ان جي تصديق ڪنديون ته گيج پاڻي جي وهڪري جي درست ماپ ڏيکاري ٿو. AWB/SIDA ۽ FO جي منڍ ۾ پاڻي جي فراهمي کي جانچڻ لاءِ منڍ ۾ لڳل گيج جي نظر داري ڪندا.

15. جتي ٻه ڊرينيج جون سهولتون مهيا ڪيل آهي اتي جر جي پاڻي جي مقرر ڪيل حدن جيڪا فصلن لاءِ مفيد هجي تائين رکڻ لاءِ AWB/SIDA۽ FO پاران نظرداري ڪري ان کي گهربل حد تائين رکندا.

16. قدرتي آفتن جهڙوڪ طوفاني برساتون، خشڪ سالي سبب ٿيل نقصان جي صورت ۾ AWB/SIDA تنظيمن کي آبياني، ڊرينيج سيس ۽ غير زرعي پاڻي جي استعمال ڪندڙن کان رقم جي وصولي جي سلسي ۾ رعايت ڏيندي. اهڙي صورت ۾ سسٽم کي ٿيل نقصان جو پورائو ٻئي ڌريون گڏجي ڪنديون.

17. ايريا واٽر بورڊ آبادگار تنظيم کي ملندڙ پاڻي يا ٻيون سهولتيون ان صورت ۾ بند/ معطل ڪري سهگي ٿو جڏهن آبادگار تنظيم اڳواٽ نوٽيس ڏيڻ باوجود ادائيگي نه ڪن. پر اهڙو قدم ايندڙ سيزن جي شروع ٿيڻ کان اڳ نه ڪنيو ويندو.

18. AWB/SIDA وقت به وقت FO جي درخواست تي ان کي فني رهنمائي فراهم ڪندا. گهڻين برساتن سبب ڪئنال ۾ وڌي ويل پاڻي جي نيڪال لاءِ AWB/SIDA ۽ FO جي رضا مندي سان شاخ/ مائنر ۾ محفوظ حد تائين وڌيڪ پاڻي ڇڏي سگهندا ته جيئن ڪئنال کي بچائي سهگجي.

19. FO هڪ ڊرينيج ڪاميٽي ناهندي جيڪا ڊرينيج نظام جي سار سنڀال جنهن ۾ 15 ڪيوسڪ تائين جي سم نالين، ڊيپوزل چئنل جي مرمت ۽ ٽيوب ويلن ۾ سمپ هائوس جي حفاظت شامل آهي.

20. جيڪڏهن هن معاهدي سان واسطو رکندڙ ڪي ڪو به اختلاف ٿئي ٿو ته ان کي ڪورٽ کان ٻاهر نبيريو ويندو. سمورا اختلاف رولس ريگيوليشن تحت حل ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو معاملو رولس ۽ ريگيوليشن کان ٻاهر آهي ته اهو ٺياڪڙي لاءِ حڪومت سنڌ جي آبپاشي سيڪريٽري کي موڪليو وينو ۽ ان جو فيصلو قطعي هوندو جنهن سان ٻئي ڌريون ٻڌل هونديون.

21. ٻني ڌرين سان رابطو رکڻ لاءِ هيٺين ماڻهن/ نمائندن کي لکيو ويندو.

| | |
|---|---|
| صحيح | صحيح |
| FO چيئر مين/ سيڪريٽري، آبادگار تنظيم | ڊائريڪٽر ايريا واٽر بورڊ |

نوٽ: ضميمو-1 ۾ شاخ/ لفٽ چئنل/ڊرينيج سان لاڳا پيل ملڪيت جهڙوڪ موريون، بنگلا، وڻ، زمين وغيره جو ذڪر ڪيل آهي.


وڌيڪ معلومات لاءِ

ڊائريڪٽر ايريا واٽر بورڊ
نارا ڪئنال ميرپورخاص فون:0233-9290157
ليفٽ بئنڪ بدين فون: 0297-61259
گهوٽڪي ڪئنال فون: 0703-84568

جنرل مئنيجر ٽرانزيشن ۽
سوشل ڊيولپمينٽ اسپيشلسٽ
سنڌ اريگيشن ۽ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا)
ليفٽ بينڪ، بئراج ڪالوني حيدرآباد.
Ph: 022-9210085
E-mail: sdc_sida@yahoo.com
Website: www.sida.org.pk

گروپ ليڊر سوشل
موبلا ئيزيشن SDC
بنگلو نمبر 151/2 اسڪيم نمبر 2
سيٽلائيٽ ٽائون ميرپور
0233-512319
E-mail:smg_sida@hotmail.com